Funded by the European Union

Government of Sindh

unicef for every child

# Teacher Training Module:

# Sindhi



## Learning Cycle Fifteen

سنڌي پڙهائڻ جا طريقا ۽ حڪمت عمليون

Sindh Technical Assistance – Development through Enhanced Education Programme (STA-DEEP)

STEDA

PITE

Sukkur IBA University

THE AGA KHAN UNIVERSITY

School Education & Literacy Department (SE&LD)

Government of Sindh.

**پيارا استادو!**

اسڪول ايجوڪيشن ۽ لِٽريسِي ڊپارٽمينٽ (SE&LD) حڪومتِ سنڌ جَي استادن جِي لڳاتار پيشه وراڻي اهليت جي اوسَر (CPD) واري پروگرام ۾ پليڪار. هي اسڪول ڪَلَسٽَر تي ٻَڌل استادن جي لڳاتار پيشه وراڻي اهليت جي اوسر (CPD) جو پروگرام، سال 2021 جي نظرثاني ٿيل اسڪول ڪَلَسٽرِنگ پاليسي ۽ سال 2022 جي CPD ماڊل تحت تيار ڪري لاڳو ڪيو ويو آهي.

تدريسي مواد تي آڌاريل سِکيا جَي مرحلن (CBLCs) جِي هِيءَ تواتر، جنهن ۾ 11 ڪان 20 ماڊيُولَ شامل آهن، توهان جي چاڙَ ۽ صلاحيتن ڪي ”ڪلاس جي مواد تي ٻڌل تدريسي عملن“ ۾ ويتر واڌ آڻڻ لاءِ ٺاهي وئي آهي. شروعاتي ڏهن سِکيا جي مرحلن (LCs) ۾ توهان جي تدريسي صلاحيتن ڪي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويو ته جيئن شاگردن لاءِ ڪلاس رُومَ ڪي فعال، ڀهرو وٺندڙ ۽ پُرلُطف بڻائڻ ۾ مدد مِلَي. انهن صلاحيتن جي بنياد تي، اهي سِکيا مرحلا (11- 20) ڀهرين ڪان اٺين درجي جي شاگردن لاءِ رياضي، سائنس، انگريزي، اردو ۽ سنڌي مضمونن ۾ سِکيا جا موقعا فراهم ڪندا ۽ ڪلاسَ جي حالتن ڪي اثرائتي نموني مُنظم ڪرڻ لاءِ توهان ڪي جديد تدريسي حڪمت عملين سان گڏ انهن مضمونن جي چاڙ ڀَريو بڻائيندا.

**سِي پِي ڊِي پروگرامَ جو نصب العين**

هِنَ پروگرامَ جو مقصد سچِي سنڌ جي اسڪولن ۾ سِکيا عملن جي معيار ڪي بهتر بنائڻ آهي، ته جيئن شاگردَ سرگرم ۽ معاون سِکيا وٺندڙ، سِکيا جي ڏکيائين ڪي حل ڪندڙ ۽ تنقيدي سوچ رکندڙ ٿين، ته جيئن هوُ پنهنجو ڪم تخليقي اندازَ ۽ اعتمادَ سان ڪري سگهن. اهي سِکيا جا مرحلا شاگردن ڪي واضح طور تي موضوع جي چاڙ سمجهڻ ۽ سِکيَل عِلم ۽ حاصل ڪيل مهارتن ڪي پنهنجي آسي پاسي جي دنيا سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏيندا. انهن گُڏن جي حاصلات ڪي ممڪن بڻائڻ لاءِ، استادن ڪي ڪلاسَ ۾ تدريسي ضرورتن ۽ مضمونن جي مواد لاءِ بهتر نموني تيار ٿيڻو پوندو. ان ڪان علاوه هي پروگرام استادن ڪي اسڪول ڪَلسٽر جي بنياد تي CPD جي ذريعي خاص تربيت ڏئي ٿو ته جيئن هوُ شاگردن جي سِکيا جي نتيجن ڪي بهتر بڻائي گهٽواڳتي وڌائين.

## سِي پِي ڊِي پروگرام جو تدرِيسي فلسفو

لڳاتار پيشيوراڻي اهليتَ جي اوسَر (CPD) جا سمورا سيشَنَ شراڪتدار جي سِکيا ٿيڻ جي خيالَ مطابق آهن. ان سوچ سان شرڪت ڪندڙن جي حوصلا افزائي ٿئي ٿي. ته جيئن؛ هڪ ته هُو فعال طور تي بااختيار سِکيا عمل ۾ مشغول ٿي وڃن، ٻيو ته خود تشخيصَ سان گڏ جوڙيدار ساٿيءَ اجي راءِ وٺڻ ڪي هَٿِي وٺرائجي، ۽ آخري طور تعليمي وهنوارَ ۾حصو وٺندڙ استادن جي هڪ ڪميُونٽِي ٺاهجي. انهن ڳالهين جو بنيادي مقصد تدريسي عملن کي وڌائڻ ۽ موضوعي مواد جي نظريي ۽ تدريسي حِڪمت عملين جي سمجھ کي فروغ ڏيڻ آهي ته جيئن شاگردَ سِکيَل عِلم تي اثرائتي نموني ۽ اعتماد سان پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ جي قابل ٿين.

## توهان لاءِ سهڪاري

هي ٽريننگ ماڊيُول ڪلاسَ جي تدريسي هدايتن جي عملن ۾ توهان جي مدد ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ويو آهي. اهو توهان آڏو مضمون جو موادَ ۽ ڪلاسَ ۾ استعمال لاءِ ڪجهه طريقا متعارف ڪرائيندو. اهو توهان جي تدريسَ کي وڌيڪ منظم بڻائيندو ۽ توهان کي هڪ ماهر استاد جي حيثيت ۾ اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏيندو.

استادن لاءِ آن لائين CPD پورٽَل

استادن لاءِ ماهِرن کان سوالَ پُڇڻ، خيالن جي تبادلي ۽ ذاتي سِکيا جا تجربا ۽ (CBLCs) کي لاڳو ڪرڻ ۾ درپيش ڏکيائيُن جي حَلَ لاءِ هڪ آن لائن CPD پورٽل تيار ڪيو ويو آهي. آن لائين CPD پورٽل استادن کي سڀني ضلعن جي ٻين استادن ۽ مضمونن جي ماهرن سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏيندو ته جيئن هُو استادن جي ڪميونٽي جي حيثيت سان معلومات ونڊين ۽ سِکن.

آن لائين پورٽل: [/https://stadeep-cpd.com](https://stadeep-cpd.com)

**نوٽ:** هي مواد جي بنياد وارا سِکيا جا مرحلا (CBLCs) اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لِٽريسي ڊپارٽمينٽ (SE&LD)گورنمينٽ آف سنڌ پاران منظورڪيل سنڌيءَ جي پهرين کان اٺين درجي تائين جي نصابَ ۽ درسي ڪتابن جي ميلاپ سان، STEADA ۽ PITE جي نگرانيءَ هيٺ تيار ڪيا ويا آهن. هنن ۾ پهرين کان اٺين درجي تائين جا سنڌي درسي ڪتابَ حوالي طور استعمال ڪيا ويا آهن.

CBLCs: 1-20: مهرباني ڪري LCs 20-1 جي عنوانن جي مڪمل فهرست ڏسڻ لاءِ آخري صفحي کي ڏسو.

**مَڃتا**

هي ماڊيُول انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشنل ڊولپمينٽ جي صوبائي انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) جي هدايت هيٺ IBA سکر يونيورسٽي ۽ آغا خان يونيورسٽيءَ پاران تيار ڪيو ويو. ان ۾ يونيسيف پاران سنڌ ٽيڪنيڪل اَسِسٽَنس ڊِولَپمينٽ جي ترقي يافته تعليمي پروگرام (STA-DEEP) جي ذريعي مدد رهي؛ ۽ يورپي يونين پاران مالي مدد ڪئي وئي.

اسان هيٺين سهڪار ڪندڙن جا دِل جِي گهرائيُن سان شُڪرگُذار آهيون:

| | |
|---|---|
| محترم سيد رسول بخش شاھ | ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، سنڌ ٽيچرس ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي (STEDA) |
| محترمہ نصرت فاطمه ڪلهوڙو | ڊائريڪٽر جنرل پراونشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) |
| محترم عِنات الله شيخ | ايڊيشنل ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽوريٽ آف ٽيچر ٽريننگ اِنسٽِيٽيوُشنس سنڌ |
| ڊاڪٽر الطاف حسين سمون | ڊائريڪٽر ايگزيڪيوٽو ڊولپمينٽ سينٽر ايٽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| ڊاڪٽر تڪبير علي | ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ ڊائريڪٽر آئوٽريچ ايٽ آغا خان يونيورسٽي، ڪراچي |
| محترم عبدالمجيد پُرٽ | ڊائريڪٽر، ڊَڪار ڇامشورو |
| ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪَلوَڙ | ايسوسيئيٽ پروفيسر جيِ سِي اِي سکر/ ماڊيول ڊِوَلپر ۽ سبجيڪٽ اِسپيشلِسٽ آءِ بي اي سکر |

| | |
|---|---|
| محترمہ ريحانہ پروين ميراڻي | مادبيول ڊِوَلپر ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر، اسٽيڊا |
| محترم دِلشاد احمد ڏيٽو | مادبيول ڊِوَلپر، گورنمينٽ ايليمينٽري ڪالج آف ايجوڪيشن، حيدرآباد |
| محترم حسن علي | مادبيول ڊزائنر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر |
| محترم سيد ڪامران شاھ | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر |
| محترمہ رابعہ بَتُول | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر |
| محترمه اَبِير مقبول | ايجوڪيشن مينيجر، يونيسيف |
| محترم آصف ابرار | ايجوڪيشن اسپيشلسٽ، يونيسيف |
| ڊاڪٽر پرويز پيرزادو | ايجوڪيشن آفيسر، يونيسيف |
| محترم آفتاب احمد نظاماڻي | نيشنل ٽيچرس پروفيشنل ڊِولپمينٽ ڪنسلٽنٽ، يونيسيف |

# سنڌي پڙهائڻ جا طريقا ۽ حڪمت عمليون

**سکيا جا مقصدَ:** هن تربيتي مرحلي جي پُڄاڻيءَ تي، سکيا وٺندڙ ان قابل ٿي ويندا ته اهي؛






سنڌي ٻولي سيکارڻ جي موزون تدريسي طريقن ۽ حڪمت عملين کي سمجهي سگهندا.


سبق جي حاصلات جي مقصدن جي بنياد تي مناسب تدريسي طريقا چونڊي پنهنجي تدريس ۾ عملي طرح شامل ڪري پيش ڪري سگهندا.


مختلف تدريسي طريقن ۽ حڪت عملين بابت پنهنجا تاثرَ پيش ڪري سگهندا.

# سيشن پلان

| Materials/resources<br>گهربل سامان/ وسيلا | Activities/learning experiences<br>سرگرميون / سِکيا جا تجربا ۽ هدايتون | Objective<br>سرگرميءَ جو مقصد | Time<br>وقت |
|---|---|---|---|
| بورڊ، مارڪر، نوٽ بُڪ، پين، ليپ ٽاپ، پروجيڪٽر، سنڌيءَ ۾ پريزينٽيس سلائيڊ، سنڌي سبقن جا وڊيو ڪِلپَ وغيره.<br> | 1. سيني شرڪت ڪندڙ استاد صاحبن کي هن تربيتي پروگرام ۾ ڀليڪار چئو.<br>2. پروگرام جي باقاعده شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪريو.<br>• ذهني آمادگي ( Motivation)<br>"سنڌي تدريسَ جا تجربا"<br>تربيتي وٺندڙن کي چئو ته هُو پنهنجي پسند جي ڪامياب تدريسي حڪمت عملي ٻڌائن جيڪا هُو سنڌيءَ جي ڪلاس ۾ استعمال ڪندا آهن.<br>• ابتدائي سرگرمي<br>شرڪت ڪندڙن کي ان هدايت سان سلائيڊ تي هڪ سنڌي سبق پڙهائڻ جو وڊيو ڪِلپ ڏيکاريو ته هُو ان جو تجزيو ڪن ۽ ان ۾استعمال ٿيل تدريسي طريقن ۽ حڪمت عملين جي سڃاڻپ ڪن.<br>تنهن ڪانپوءِ اعلان ڪريو ته اچوڪي ويهڪَ ۾ سنڌي ٻولي تدريسَ جي طريقن ۽ حڪمت عملين بابت ڇاڻينداسين. | • ڀليڪار / شروعات ڪرڻ<br>• ذهني آمادگي سان آغاز ڪرڻ | <br>10 منٽ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| <br>05 منٽ | تربيتي مرحلي جي ايجندا ۽ مقصدن کان آگاهه ٿيڻ | • تربيتي مادل جو تعارف<br>تربيت ڏيندڙ مختصر تقرير سان مرحلي جي ايجندا ۽ مقصدن جو جائزو پيش ڪندو. | |
| <br>35 منٽ | سنڌي ٻولي سِکيا لاءِ مختلف تدريسي طريقن ۽ حڪمت عملين کان آگاهه ٿيڻ.<br> | • ذيلي موضوعَ:<br>1 .تدريسي طريقن جو جائزو<br>2. سبق جي مقصدن جي بنياد تي مناسب طريقا چوُنڊ<br>3. مختلف هدايتون حڪمت عمليون<br>• جوڙين ۾ تبادله خيال (Think pair share)<br>چاڻايل موضوع تي لکيل **مددي مواد نمبر _ 01** تربيتي استادن کي پڙهڻ لاءِ ڏيو. کين هدايت ڪريو ته مواد غور سان پڙهي، ان بابت سندن خيالَ پهنجي ساٿين سان ونڊين.<br>• تشخيصي سرگرمي:<br>"تجزيو ڪريو"<br>هڪ گروپ سرگرمي ڪرايو، جنهن ۾ شرڪت ڪندڙ هڪ مختصر سبقي منصوبو ٺاهن، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻن مختلف تدريسي حڪمت عملين کي شامل ڪيو ويو هجي. کين هدايت ڪريو ته تيار سبقي منصوبو پنهنجي ساٿيءَ کي ڏيکاري ان جي راءِ حاصل ڪن ۽ مليل موٽ ۽ ان جي وضاحت جو اظهار پڻ ڪيو وڃي. | مددي مواد 01 جون ڪاپيون، سبقي منصوبي جي ٽيمپليٽ جون ڪاپيون.<br> |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 60 منٽ | سنڌي ٻولي پڙهائڻ جي مختلف تدريسي طريقن ۽ حڪمت عملين تحت تدريسَ جي عملي مظاهري ۾ موٽ ذريعي سِکڻ.<br> | • ذيلي موضوعَ<br>1. سنڌي ٻولي پڙهائڻ جي عملي مشقَ<br>2. سنڌي ٻولي سِکيا لاءِ "جائزو وٺي موٽ ڏيڻ" واري حِڪمت عَملي<br>• پيشڪش جي سرگرمي<br>هڪ رول پلي يعني، ڪردار ادا ڪرڻ واري سرگرمي ڪرايو، جنهن ۾شرڪت ڪندڙ هڪ تدريسي حڪمت عمليءَ جو مظاهرو ڪري ساٿين کان موٽ حاصل ڪندا آهن.<br>سمورن شرڪت ڪندڙن کي مختلف گروپن ۾ ورهائي ڪين چئو ته اوهان مان هر هڪ گروپ کي هڪ سنڌي درسي ڪتاب ڏجي ٿو، جنهن مان هر گروپ کي به هڪ عنوان چونڊي چاڻايل تدريسي طريقن موجب هڪ سرگرمي تيار ڪري پيش ڪري-<br>**گروپ نمبر ١. سنڌي پهريون ڪتاب**<br>**گروپ نمبر ٢. سنڌي ٻيون ڪتاب**<br>**گروپ نمبر ٣. سنڌي ٽيون ڪتاب**<br>**گروپ نمبر ٤. سنڌي چوٿون ڪتاب**<br>**گروپ نمبر ٥. سنڌي پنجون ڪتاب**<br>**گروپ نمبر ٦. سنڌي ڇهون ڪتاب**<br>هر گروپ جي پيشڪش تي ٻين استادن کان راءِ وٺو. پوءِ پنهنجي پاران تعميري ۽ اصلاحي موٽ ڏيو. | مددي مواد نمبر02، ايليمينٽري سطح جا سنڌي درسي ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جي سبقن جا وڊيو ڪِلِپَ<br> |
| 10 منٽ | سموري مرحلي جي ڪارگذاريءَ جو ورجاءُ ڪري خلاصو يا حاصل مطلب بيان ڪرڻ ۾ مجموعي چڪاسَ | • ذيلي موضوعَ<br>- سموري تربيتي مرحلي جي اهم نُڪتن جو خلاصو<br>- چڪاسَ<br>• خلاصي جي سرگرمي |  |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | اڄوڪي سيشنَ جي ڪارگذاريءَ جا اهم نڪتا خلاصي جي صورت ۾ بيان ڪريو. جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اثرائتي تدريسَ لاءِ بحث هيٺ آيل مکيه تدريسي طريقن ۽ ترڪيبن جو جائزو وٺو.<br>• تشخيصي سرگرمي<br>"سوال ۽ جواب سيشن"<br>شرڪت ڪندڙن کان مختلف تدريسي طريقن کي ڪلاس ۾ لاڳو ڪرڻ جي فائدن بابت پُڇو ۽ انهن جي سوالن ۽ خدشن کي مؤثر طريقي سان حل ڪريو. | |

**مددي مواد نمبر 01**

## سنڌي ٻولي پڙهائڻ لاءِ تدريسَ جا طريقا ۽ حڪمت عمليون

سنڌي ٻوليءَ کي مؤثر نموني سيکارڻ لاءِ مختلف طريقن ۽ حڪمت عملين کي استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي جيڪي مختلف سِکيا جي اندازن کي پورو ڪن ۽ شاگردن کي فعال نموني مشغول رکن. جهڙوڪ؛

- **رابطي واري ٻولي تدريسَ** (Communicative Language Teaching)

هن طريقي ۾ ٻولي سکڻ جي بنيادي مقصد طور رابطي تي زور ڏنو ويجي ٿو. حقيقي زندگيءَ جون حالتون ۽ مُستند مواد استعمال ڪندي، شاگردن جي شموليت ۽ تعاون جي حوصلا افزائي ڪئي ويندي آهي.

- سرگرميون: ص رول پلي يعني، ڪردار ادا ڪرڻ ، گروپ بحث پيشڪش ، مناظرا ڪرائڻ

- **عملي ڪم واري سِکيا** (Task Based Learning)

هن ۾ اهڙن بامعني عملي ڪمن تي ڌيان ڏجي ٿو جن سان ٻوليءَ جي استعمال کي فروغ ملي ٿو. ان طريقي سان شاگردن جي خودمختياري ۽ فيصلا ڪرڻ جي حوصلا افزائي ٿئي ٿي.

-سرگرميون: مسئلا حل ڪرڻ جا ڪم، معلومات جي فرق جا ڪم، راءِ جي تبادلي جا ڪم، تخليقي لکٽيءَ جا ڪم وغيره.

- **ڪهاڻي ۽ ڊراما**

ٻولي سِکيا لاءِ ڪهاڻيون ۽ ڊراما استعمال ڪرڻ. هن ۾ تخليقيت کي همٿايو ويندو آهي ته جيئن ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي مهارتن کي ترقي وٺرائجي.

- سرگرميون: ڪهاڻيون سيشنَ ، رول پلي يعني، ڪردار ادا ڪرڻ ۽ پُتلي تماشا وغيره.

- **راند رچنا جون سرگرميون**

ٻولي سِکيا کي فروغ ڏيڻ لاءِ راندين وارين سرگرمين ذريعي تفريحي سِکيا استعمال ڪئي ويندي آهي. خاص ڪري ٻوليءَ جي لفظي ذخيري ۽ گرامر جي مهارتن کي ترقي وٺرائڻ تي زور ڏنو ويندو آهي.

سرگرميون: ٻوليءَ جون رانديون (مثال طور؛ بنگو، چاربس)، - لفظ ڳولها ۽ ڪراس لفظ، ٻولي تي ٻڌل پزل / معما

- **گرامر- ترجمي وارو طريقو**

هي طريقو گرامر جي قاعدن ۽ سنڌي ۽ ٻين ٻولين جي متنن جي ترجمي تي ڌيان ڏئي ٿو.

- سرگرميون:  ترجمي جي مشق: سنڌيءَ مان ٻين ٻولين ۾ جملن ۽ فقرن کي ترجمو ڪرڻ جي مشق ڪرڻ ۽ ان جي برعڪس ڪرڻ.
گرامر مشق: سنڌي گرامر جي قاعدن ۽ جملن جي جوڙجڪ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ مشقون.

- **ٽيڪنالاجي انضمام**

ٻولي سکيا کي فروغ ڏيڻ لاءِ ٽيڪنالاجي استعمال ڪرڻ. آن لائن وسيلن ۽ ملٽي ميڊيا مواد جي حوصلا افزائي سان ڊجيٽل خواندگي جي صلاحيتن کي ترقي وٺرائي سگهجي.

- سرگرميون:  آن لائين ٻولي سِکيا پليٽ فارم ،  ٻولي سکڻ واريون ايپس،  وڊيو ۽ آڊيو رڪارڊنگ ،  آن لائين بحث ۽ فورم

- **جائزو ۽ موٽَ**

هن طريقي ۾ مختلف تشخيصي حڪمت عملين (مثال طور؛ سوال، ٽيسٽ، منصوبا، خود تشخيصَ ۽ جوڙيدار ساٿيءَ جي راءِ) جو استعمال ڪري تعميري موٽ ڏني ويندي آهي.

- سرگرميون : خود معائنو رؤبرڪ يا پيمانو،  ٻيلهه ۾ ڪم ڪرڻ جا فارم،  ڪلاس بحث ۽ مباحثا ،  بهتريءَ جي نگراني وغيره.

ياد رکو، سنڌي ٻوليءَ جي موثر تدريس جي ڪنجي اها آهي ته توهان شاگردن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ مختلف طريقا ۽ ترڪيبون استعمال ڪيو ۽ مشغول رکندڙ پُرڪشِش سِکيا کي فروغ ڏيو! انهن حڪمت عملين کي شاگردن جي سکيا جي مقصدن، عمر واري گروپ، ۽ مهارت جي سطح جي بنياد تي ترتيب ڏيو ته جيئن انهن جي ٻوليءَ جي مهارتن کي مؤثر انداز ۾ وڌايو وڃي.

**For reference:**

**List of 1-20 LCs topics**

| Topics | Learning Cycles (LCs) |
|---|---|
| ٻُڌڻَ جي مهارتَ | LC-1 |
| ڳالهائڻَ جي مهارتَ | LC-2 |
| پڙهڻَ جي مهارتَ (i) | LC-3 |
| پڙهڻَ جي مهارتَ (ii) | LC-4 |
| لِکڻَ جي مهارتَ | LC-5 |
| زبان شناسي | LC-6 |
| تقريرَ جي مهارتَ | LC-7 |
| پسنديدگي ۽ تنقيدَ | LC-8 |
| تخليقي تحريرَ | LC-9 |
| زندگيءَ جون لِساني مهارتون | LC-10 |
| سنڌي صوتيات جي تدريسَ | LC-11 |
| لفظي بناوٽَ ۽ جُملن جِي جوڙجڪَ | LC-12 |
| سنڌي نظمَ جي تدريسَ | LC-13 |
| سنڌي نثرَ جِي تدريسَ | LC-14 |
| **سنڌي پڙهائڻَ جا طريقا ۽ حڪمت عمليون** | **LC-15** |
| سنڌي پڙهڻ جون ڏکيائيون | LC-16 |
| سنڌي پڙهڻ جي چڪاسَ | LC-17 |
| سنڌي مضمون نويسيءَ جي تدريسَ | LC-18 |
| سنڌي ٻولي سِکيا لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال | LC-19 |
| شاگردن جي چنگ-ڀلائي | LC-20 |

**Contact email address:**

**kamranshah@iba-suk.edu.pk**

**School Education & Literacy Department (SE&LD)**

**Government of Sindh**